SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1986

SINDH ACT NO.III OF 1986

سنڌ فنانس ايڪٽ، 1986

THE SINDH FINANCE ACT, 1986

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

3. 1958 جي W.P Act X جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of W.P Act X of 1958

4. 1963 جي W.P. Act IX جي منسوخي

Repeal of W.P. Act IX of 1963

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1986

SINDH ACT NO.III OF 1986

سنڌ فنانس ايڪٽ، 1986

THE SINDH FINANCE ACT, 1986

[30 جون 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪن محصولن کي معقول بڻايو ۽ ڪن محصولن کي ختم ڪيو ويندو ۽ ڪجهہ قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪن محصولن کي معقول بڻائڻ ۽ ڪن محصولن ختم ڪرڻ ۽ ڪجهہ قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1986 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1986 کان نافذ العمل هوندو.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

2. اسٽيمپ ايڪٽ 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ:

دفعہ 27 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

(شهري غير متحرڪ ملڪيت جو ملهہ طئي ڪرڻ)

"27_A. جڏهن ڪنهن شئي تي شيڊول پهرين جي آرٽيڪل 23 يا آرٽيڪل 31 تحت محصول ورتو وڃي ٿو، ملڪيت جو

اگهہ مخصوص علائقي يا مقامي هنڌ تي ڪليڪٽر طرفان ڄاڻايل ملهہ واري ٽيبل تحت لڳايو ويندو:

بشرطيڪ ملهہ واري ٽيبل ۾ ڄاڻايل اگهہ اهڙيءَ ملڪيت تي لاڳو ڪيو وڃي، جيڪو محسوس ٿئي تہ وڏيڪ آهي، تہ ڪمشنر، متاثر ٿيل ماڻهو جي ڏنل درخواست تي غور ڪري، صحيح نرخ مقرر ڪري سگهي ٿو ۽ ان مقصد لاءِ دفعہ 31 ۽ دفعہ 32 جون گنجائشون ضروري تبديليءَ سان لاڳو ٿيندیون.".

(b)آرٽيڪل 23 جي شيڊول پهرين ۾ هن کي متبادل بڻايو ويندو:

"23. ڪنوينس ٽرانسفر (Conveyance Transfer) جيئن دفعہ (10)2 ۾ ڄاڻايو ويو آهي، نمبر 62 هيٺ اوڳاڙيا ۽ انهن تي ڇوٽ ڏني ويندي:

(a)غير متحرڪ جائيداد جي صورت ۾ جيڪا زرعي زمين يا زرعي مقصدن ڪانسواءِ هجي ۽ شهري ايراضي ۾ هجي.	هر هڪ سئو رپين يا ان جي ڪنهن حصي لاءِ اٺ رپيا، ملڪيت جي ملهہ موجب.
ڪنهن بي صورت ۾	هر هڪ سئو رپين يا ان جي ڪنهن حصي لاءِ ڇهہ رپيا، ملڪيت جي ملهہ موجب.

وضاحت: شق (a) "شهري ايريا" معنيٰ آهي

(i)سرڪار طرفان، سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 3 تحت ڄاڻايل ايراضي؛ يا

(ii) اها ايراضي جيڪا اهڙيءَ زمين سان لاڳاپيل هجي، جنهن

ڪي عمارت جي سائيٽ طور ڪنيو ويو هجي، يا ان سان شامل هجي ۽ جنهن ڪي سرڪار پاران شهري ايراضي قرار ڏنو ويو هجي.

W.P جي 1958 Act X جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of W.P Act X of 1958

3. سنڌ انترٽينمينٽ ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ، سواءِ هيٺان ڏنل شرطيہ بيانن ۽ وضاحت جي، هيٺيون ذيلي دفعہ تبديل ڪيو ويندو:

"(1) تفريح لاءِ داخل ٽيڪٽ تي 75 سيڪڙو ڊيوٽي لڳائي ويندي، جيڪا سرڪار ڪي ڏني ويندي."

W.P. جي 1963 Act IX جي منسوخي

Repeal of W.P. Act IX of 1963

4. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1963 ڪي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.